ايڊيٽر (اعزازي): اياز لطيف پليجو - ايگزيڪيوٽو ايڊيٽر: ڊاڪٽر عزيز ٽالپر - اسسٽنٽ ايڊيٽر: گل حسن ڪوسو

وطن دوست انقلابي راهہ روشن ڪندڙ مشعل
جو سج آسمان تي هو، زمين تي جڳمڳائيندو

ماهوار

صبح ٿيندو

ڊسمبر 1997
حيدرآباد



سميتا پاٽل: اس کا ہجر خزاؤں جیسا
اس کا قرب بہاروں جیسا



چي گويرا: قتل گاهون سي چن کر هماري علم
اور نکلين گي عشاق کي قافلي



شهيد فاضل راهو: پروٽوڪول جي ڳاڙين هوندي
راهوڪي ۾ رڃ لڳي ٿي

قيمت: 10 روپيا

ننهن کان چوٽيءَ تائين انقلابي - چي گويرا

ليکڪ: پي نار اين ---------------- سنڌيڪار: زاهده شيخ

(تازو ڪيوبا پنهنجي عظيم فرزند ۽ دنيا جي نامور انقلابي مجاهد شهيد چي گويرا کي شاندار خراج تحسين پيش ڪيو ۽ کيس تاريخي شان مان سان دفن ڪيو آهي. دنيا جي ڪافي ماڻهن کي رڳو اها خبر آهي ته چي ڪيوبا جو اهو انقلابي مجاهد اڳواڻ هو، جنهن کي بوليويا جي انقلابي گوريلا دستي جي ويڙهه ۾ ڪمان ڪندي بوليويا جي قاتل فوجي ٽولي قتل ڪري ڇڏيو. هيٺ پڙهندڙن اڳيان چي گويرا جي زندگيءَ جو مختصر احوال پيش ڪجي ٿو- ادارو)

ارنيسٽو چي گويرا 14 جون 1928 تي ارجنٽينا جي شهر روساريو ۾ ڄائو. "چي" اٺڙيو هو، ماءُ جي پيٽ ۾ رڳو اٺ مهينا رهيو. سندس ماءُ سيليسا سندس نالو سندس پيءُ ڊون ارنيسٽو گويرا جي نالي پٺيان ارنيسٽو رکيو.

چي گويرا جا وڏا 16 صديءَ ۾ ارجنٽينا آيا، جتي اهي وڏيا ويجهيا ۽ مختلف شهرن ۾ ٽڙي پکڙي ويا. گويرا جي خاندان جا ماڻهو مختلف ڌنڌن سان واڳيل هئا، انهن ۾ جاگيردار به هئا ته هاري به، آبادگار ۽ زميندار به هئا ته ٺيڪيدار ۽ واپاري به، ڊاڪٽر به هئا ته وڪيل به. "چي" جي پيءُ ڊون ارنيسٽو وٽ چانهه جي ٻوٽن جي ٻنيءَ جو ٽڪرو هو.

"چي" جا گهر وارا چي جي ڄمڻ کان ڪجهه وقت پوءِ روساريو جي ويجهو ڪورڊوبا شهر ۾ وڃي رهيا. ڪورڊوبا ارجنٽينا جو ٻيو نمبر وڏو شهر آهي. چي جڏهن ننڍڙو هيو تڏهن مائٽ پيار مان کيس ٽيٽ Tete ڪوٺيندا هئا.

سال 1930 جو مئي جو مهينو هو، سيليسا ۽ ڊون ارنيسٽو وهنجڻ لاءِ تلاءُ تي ويا، ٻن سالن جو ٻار چي به ساڻن گڏ هو. اوچتو ننڍڙي چي کي اچي سخت کنگهه جو دورو پيو. ڊاڪٽر کي ڏيکاريائونس، ڊاڪٽر ٻڌايس ته ٻار کي دم ٿي ويو آهي. "چي" جي ماءُ سيليسا جڏهن ننڍڙي هئي، تڏهن ان کي به دم جي بيماري ٿي پيئي هئي. دم جي اها بيماري ذري گهٽ سڄي ڄمار چي کي چهٽي رهي، چو ته تڏهن اڃان دم جو علاج هيو ئي ڪونه.

ننڍڙي هوندي هڪڙو انگريز شاگرد ساڻس گڏجي کيڏندو هو ۽ کيس "چي" ڪوٺيندو هو. جڏهن چي ڪيوبا جي نيشنل بئنڪ جو چيئرمين ۽ ڪيوبا جي صنعت ۽ واپار جو وزير ٿيو، تڏهن سرڪاري بلن ۽ چيڪن تي ان ننڍڙي هوندي جي نالي "چي" جي سان صحيح ڪرڻ لڳو ان ڪري سندس چي وارو نالو مشهور ٿي ويو.

شروعاتي تعليم ۽ تربيت:

دم جي ڪري "چي" کي پرائمري اسڪول ۾ داخل نه ڪيائون ۽ ماڻس کيس گهر ۾ ئي پڙهائيندي هئي. مئٽرڪ پاس ڪرڻ کانپوءِ کيس روساريو جي ڊين فيونس ڪاليج ۾ داخلا ڏياري وئي. چي کي پڙهائي جو ڏاڍو شوق هوندو هو. ٻين ڪتابن سان گڏ هو مارڪسي ادب جا نظرياتي شاهڪار به ڏاڍي شوق ۽ لگن سان پڙهندو هو. کيس ٻيا موضوع به وڻندا هئا. هنجي عادت هوندي هئي ته جيڪو به موضوع وڻندو هوس، ان جي گهرائيءَ ۾ ويندو هو ۽ ان ۾ وڏي کوجنا ڪندو هو. چي جا ماءُ پيءُ ارجنٽينا جي ڪميونسٽ پارٽيءَ جا سرگرم ڪارڪن هئا. ماءُ پيءُ وچ ۾ ٿيندڙ ڳالهيون ۽ نظرياتي مباحثا ٻڌي چي ۾ سياسي سمجهه ۽ شعور پيدا ٿيو.

ڏکڻ آمريڪا جو مالڪ آهي- آمريڪا:

ارجنٽينا جا اصل رهاڪو ريڊ انڊين هئا، پندرهين صديءَ ۾ جڏهن ڪولمبس اسپين طرفان اچي امريڪا ڳولهي لڌي تڏهن کان وٺي اسپين، آمريڪا کي فتح ڪرڻ ۽ ان تي پنهنجي اسپيني ثقافت وغيره به رائج ڪرڻ شروع ڪئي. ان ڪري ٻين لاطيني امريڪي ماڻهن وانگر ارجنٽينا جا ماڻهو به اسپيني تهذيب ۾ رڱجي ويا ۽ اسپين جي غلاميءَ مان آزادي حاصل ڪرڻ کان پوءِ به اسپين سان ڳوڙها سياسي، ثقافتي ۽ روحاني لاڳاپا رکندا پيا اچن.

اسپين تي هميشه شهنشاهيت پرست، جاگيردارائو ۽ آپيشاهي سياسي سماجي نظام جو راڄ رهيو آهي. 1936 ڌاري وڏي جدوجهد کانپوءِ اسپين ۾ هڪڙي جمهوري حڪومت قائم ٿي. اها ڳالهه يورپ جي سرمايه دارن ۽ سامراجين کي ڪانه وڻي، تن ان وقت جي جرمني ۽ اٽليءَ جي هٽلر ۽ مسوليني‌ءَ وارن رهزن ۽ فسطائي حڪومتن کي ڀڙڪائي، اسپين جي جمهوري حڪومت خلاف بغاوت ڪرائي. يورپ ۽ ارجنٽينا سميت امريڪي ملڪن جا جمهوريت پسند ماڻهو ۽ سوويت يونين جي حڪومت اسپين جي جمهوري حڪومت جي حمايت ڪرڻ لڳا.

چي جو گهر انقلابي سياسي سرگرمين جو ڳڙهه هيو. اسپين جي جمهوري حڪومت جا ڪيئي مشهور انقلابي حامي چي جي گهر ۾ ميٽنگون ڪندا هئا ۽ گڏجي سوچ ويچار ڪندا هئا ته اسپين جي عوام دوست جمهوري حڪومت تائين امداد ڪيئن پهچائجي. چي جا ماءُ پيءُ اسپين جي جمهوري حڪومت جي مدد ڪندڙ ڪميٽيءَ جا ميمبر هئا.

ڊگهي جنگ کانپوءِ اسپين جي جمهوري حڪومت جو تختو اونڌو ڪيو ويو ۽ ان حڪومت سان لاڳاپيل ماڻهو کي مارجي ويا ڪي دنيا ۾ ٽڙي پکڙي ويا. اسپين جو اڳوڻو نائب وزيراعظم ڊاڪٽر جوان گوانزالز آگنلر چي وارن جي پاڙي ۾ اچي رهيو ۽ اڪثر هُن جي گهر ايندو ويندو هو. فرنانند بيرل جيڪو اسپين جي فاشسٽن خلاف وڙهندي وڙهندي مري ويو هو، تنهن جو پٽ "چي" جو سنگتي هو. اسپين جي اڳوڻي جمهوري حڪومت جو جنرل جورادو به هُن جي گهر ايندو ويندو هو ۽ ڪين اسپين تي قابض ٿي ويل فاشسٽ جنرل فرانڪو جي حامين ۽ سندن جرمن ۽ اطالوي سرپرستن جي ظلمن ۽ سفاڪين جون ڳالهيون ٻڌائيندو هو. چي جي گهر ۾ ٿيندڙ انهن سمورين سرگرمين هن جي سياسي نقطه نظر ٺاهڻ ۽ سندس زندگيءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو.

ٻي جنگ عظيم ۾ نازي- مخالف اتحادين روس، برطانيه، فرانس ۽ آمريڪا ارجنٽينا جي حڪومت تي دٻاءُ وڌو ته فاشسٽ جرمني ۽ ان جي اتحادين اٽلي ۽ جپان سان سفارتي لاڳاپا ختم ڪريو. پر ارجنٽينا جي حاڪم جوئان پيرون فاشسٽن سان سفارتي لاڳاپا قائم رکيا ۽ سڄو ارجنٽينا فاشسٽن جي ڳجهن ايجنٽن سان ڀرجي ويو، جن اتي ڳجهي ريڊيو اسٽيشن پڻ قائم ڪئي.

ارجنٽينا جي محب وطن انقلابين جوئان پيرون جي فاشسٽ نواز حڪومت خلاف مظاهرا ڪيا. سرڪار ڪيترن مظاهرو ڪندڙن کي گرفتار ڪيو. چي جي ماءُ سيليسا به هڪڙو مظاهرو ڪندي گرفتار ٿي وئي. جوئان پيرون جي حڪومت جي ڏينهن ۾ ڪيئي حڪومت مخالف ڳجهيون ويڙهاڪ تنظيمون قائم ٿيون. انهن مان هڪڙي تنظيم ڪارڊوبا شهر جتي چي وارا رهندا هئا تنهن ۾ تمام گهڻي سرگرم هئي. مظاهرن ۾ پوليس کان بچاءُ ۽ ساڻن مقابلو ڪرڻ لاءِ جيڪي بم استعمال ڪيا ويندا هئا، اهي چي جي گهر ۾ ٺاهيا هئا ۽ سمورا سياسي ۽ انقلابي ڪم چي پنهنجي اکين سان ڏسندو هو.

ڪاليج جي تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ چي ارجنٽينا جي تخت گاهه بيونس ايئرس جي نالي واري يونيورسٽيءَ جي ڊاڪٽري واري شعبي ۾ داخل ٿيو. ڪجهه وقت پوءِ هو لاطيني امريڪا جا ڪيئي ملڪ گهمڻ ويو. هو اتي ڪوڙهه جي مريضن جو علاج ڪندو هو، چي هر ڳالهه ۾ پنهنجن هڪجيڏن کان صفا مختلف هو.

انقلابي تربيت:

چي پنهنجن لٽن ڪپڙن جو صفا خيال نه ڪندو هو، جاڏي ڪاڏي ڦاٽل پراڻي جئڪٽ ۽ ڪٽل بوٽ پائي هليو ويندو هو، ڦٽي به ڪونه ڏيندو هو، پوءِ به هن ۾ ڪا ته ڳالهه هئي جيڪا نوجوانن کي پاڻ ڏانهن ڇڪيندي هئي؟ سندس ارادي جي مضبوطيءَ، بهادريءَ، مظلومن جي حقن لاءِ اٿي بيهڻ، اعليٰ تصورن ۽ آدرشن، سماج جي گهري ڄاڻ، خطرناڪ علائقن جي سفرن جي مهمن ۽ شروع کان وٺي هر قسم جي ظلم ۽ ڦرلٽ خلاف ويڙهه چي کي لاطيني آمريڪا جو عظيم ۽ قابل اعتماد ڪميونسٽ انقلابي بڻائي ڇڏيو.

چي جو خيال هو ته لاطيني امريڪي جي وحشي آمريتن جي راڄ ۾ فاقا ڪندڙ ڪروڙين ماڻهن کي غربت، جهالت، بيمارين ۽ غلاميءَ کان ڇوٽڪارو ڏيارڻ جو ذريعو فقط هٿيار بند جدوجهد آهي. تنهنڪري هن لاطيني امريڪا جي ملڪن جي آزاديءَ لاءِ هٿيار بند جدوجهد جون تياريون ڪيون.

هڪڙي ڏينهن چي ڪاردوبا جي هڪڙي امير ترين زميندار جي ڌيءَ چن چينا سان مليو ۽ ٻئي هڪٻئي جي محبت ۾ گرفتار ٿي ويا ۽ ٻنهي پاڻ ۾ شاديءَ جو فيصلو ڪيو، پر پوءِ چن چينا شاديءَ لاءِ اهو شرط وڌو ته تون پاڻ کي منهنجي حوالي ڪري ڇڏ ۽ شاديءَ کانپوءِ تون سدائين مون سان گڏ رهجانءِ، چي جيڪو منصوبو ٺاهيو هو ته وينزويلا جي جهنگن ۾ وڃي اتي رهندڙ ڪوڙهه جي مريضن جو علاج ڪندس سو منصوبو چن چينا کي تعريف جوڳو پر هوائي قسم جو لڳو. ٻنهي جي وچ ۾ اهڙو ٽڪر پيدا ٿي پيو جنهن جو ڪو حل ڪونه هو. چي جو پنهنجو پاڻ کي ان عظيم مقصد لاءِ ارپي ڇڏيو هو ته سامراجين ۽ فاشسٽن خلاف هٿيار بند انقلابي جنگ ڪبي ۽ پيڙيل، ستايل ۽ بکون ڪاٽيندڙ عوام جي خدمت ڪبي، ان ڳالهه تان لهڻ لاءِ هو ڪنهن به صورت ۾ تيار نه هو. تنهن ڪري هو الڳ ٿي ويا.

پوءِ چي گوئٽي مالا ويو، اتي ڪرنل جيڪب اربينز جي چونڊيل جمهوري حڪومت جي بچاءَ ۾ امريڪي سامراج جي ايجنٽن خلاف وڙهندڙ هڪڙي گوريلا دستي جي اڳواڻي ڪيائين. ڪرنل جيڪب جي حڪومت نه ڪميونسٽ هئي نه سوشلسٽ ۽ ان جا ڪنهن سوشلسٽ حڪومت سان سفارتي لاڳاپا به ڪونه هئا. پر امريڪي سامراج ڪرنل جيڪب جي حڪومت کي برداشت ڪرڻ لاءِ ان ڪري تيار نه هو جو اها سرمائيداراڻي جمهوري حڪومت هئي ۽ امريڪي سامراج لاطيني امريڪا جي ڪنهن به ملڪ ۾ سرمائيداراڻي جمهوري حڪومت به برداشت ڪرڻ لاءِ تيار نه هو. هڪ سال جي ڏکي ويڙهه کان پوءِ نيٺ امريڪا ڪرنل جيڪب جي حڪومت جو تختو اونڌو ڪري ڇڏيو. چي ميڪسيڪو هليو ويو، جتي هو فيڊل ڪاسترو سان مليو.

26 جولاءِ 1955 تي فيڊل ڪاسترو ۽ سندس ساٿين ڪيوبا جي مانڪيڊا شهر وارين فوجي بيرڪن تي حملو ڪيو پر ڪامياب نه ٿيا. ڪاسترو ۽ سندس بچيل ساٿي سيرا ميسترا جبلن ڏانهن ڀڄي ويا. پر ڪيوبا جي ان وقت جي حاڪم بٽيسٽا جي فوجن کين ڳولي لڌو ۽ گرفتار ڪري ورتو. مٿن ڪيس هليو، ڪيس هلندي ڪاسترو فوجي عدالت اڳيان پنهنجو مشهور تاريخي بيان ڏنو، جيڪو "تاريخ مونکي بي ڏوهي ٺهرائيندي" جي عنوان سان سڄيءَ توڙي دنيا جي ٻين سوين ٻولين ۾ ڇپجي چڪو آهي. فوجي عدالت ڪاسترو کي 15 سال قيد جي سزا ڏني.

بٽيسٽا خلاف عوامي جدوجهد سڄي ملڪ ۾ پکڙجي وئي. ڪيوبا جي ڪميونسٽ پارٽي ۽ ٻيون انقلابي تنظيمون سياسي قيدين جي آزادي جو مطالبو ڪرڻ لڳيون. ملڪ جون حالتون بٽيسٽا لاءِ ڏکيون بڻجي ويون. نيٺ مجبور ٿي هن فيڊل ڪاسترو ۽ سندس ساٿين کي سال اندر ئي آزاد ڪري ڇڏيو. فيڊل ڪاسترو ۽ سندس ساٿين ٻين ٽن ويڙهاڪ تنظيمن سان صلاح مصلحت ڪئي. پوءِ بٽيسٽا حڪومت خلاف آزاديءَ جي جنگ جي تياري ڪرڻ لاءِ هو ميڪسيڪو هليا ويا. اتي ڪاسترو ڪيوبا جي انهن ماڻهن سان مليو جيڪي بٽيسٽا جي فوجن هٿان گرفتار ٿيڻ کان بچڻ لاءِ لڪي ميڪسيڪو آيا هئا ۽ اتي رهي پيا هئا.

ڪاسترو اتي پئسا، هٿيار ۽ بارود گڏ ڪيو ۽ ويڙهه لاءِ رضاڪار ڀرتي ڪيائين. هو اتي ڪرنل البرٽو بايو سان مليو جنهن اسپين ۾ فاشسٽن خلاف هڪڙي گوريلا بريگيڊ جي اڳواڻي ڪئي هئي. هن کي گوريلا جنگ جو سٺو تجربو هيو. ڪاسترو جي چوڻ تي هن ڪيوبا جي رضاڪارن کي گوريلا جنگ جي تربيت ڏني.

ڪاسترو وڏي مشڪل سان 12000 ڊالرن ۾ هڪڙو بحري جهاز خريد ڪيو، جنهن جو نالو هو گرئنما، جهاز ۾ فقط 50 ماڻهن جي گنجائش هئي. پر هن ان ۾ 82 انقلابي چاڙهيا جن ۾ ڪاسترو ۽ چي به هئا. 25 نومبر 1956 تي هو رات جو ٻي بجي ميڪسيڪو جي ڪناري تان ماٺ مٺيءَ ۾ ڪيوبا طرف کسڪي ويا. سمنڊ ڏاڍو خطرناڪ هو. بدقسمتي الاهي بي پرواهيءَ ڪري هو ڪيوبا جي اهڙي ڪناري تي لٿا جيڪو تمر جي گهاٽن وڻن سان ڀريل هو، سخت گرمي به هو ۽ سڀ کان وڏي ڳالهه ته اهو ڏٽڻ وارو هو. بٽيسٽا کي انقلابين سان ڀريل ٻيڙي اچڻ جي خبر جاسوسن معرفت اڳواٽ ئي پهچي ويئي هئي. تنهنڪري هن جا سپاهي اڳواٽ ئي جهاز جي تاڙ ۾ بيٺا هئا ۽ جنهن ئي هو اچايل، بکايل ۽ ٿڪل انقلابي جهاز مان هيٺ لٿا، تنهن ٻاهه جا الا وسائيندڙ مشين گنن سندن استقبال ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو.

ڪاسترو، راول، چي ۽ ٻيا ڏ . انقلابي ڪمند جي فصل منجهان لڪي سئيرا ميسترا جبلن ڏانهن ڀڄي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿيا. اتي هنن هارين ۽ عام ماڻ . سان ذاتي لاڳاپا قائم ڪيا ۽ سندن مدد سان عام ماڻهن ۾ سياسي سجاڳي پيدا ڪرڻ شروع ڪئي. ڪاسترو اتي جبل جي ماڻهن مان 132 گوريلا ڀرتي ڪيا ۽ اتان ئي ميداني علائقن ۾ سرگرميون ڪندڙ ويڙهاڪ تنظيم سان لاڳاپا پڻ قائم ڪيائين. چي فيڊل ڪاسترو جي اميدن کان وڌيڪ قابل ۽ سرگرم انقلابي نڪتو. چي ڊاڪٽر هو، هو غريب مسڪين ۽ پوئتي پيل هارين جو بنا پئسي علاج ڪندو هو. انهيءَ وچ ۾ بٽيسٽا عوامي جدوجهد کي دٻائڻ لاءِ تنهن چوٽيءَ جو زور لڳائڻ لڳو. ماڻهن ۾ دهشت ويهارڻ لاءِ هن پنهنجي سياسي مخالفن جي لاشن جا ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڪارٽين سمنڊ جي ڪڇيءَ واري علائقي ۾ پکيڙائي ڇڏيا.

ڪاسترو چي جي قابليت ۽ مهارت جي مدد سان هڪٻئي پويان بٽيسٽا جي فوج جي سرحدي چوڪين تي قبضو ڪندو ويو. انقلابين کي دلشڪستو ڪرڻ لاءِ بٽيسٽا جي هدايتن تي ڪيوبا ريڊيو پنهنجي نشريات ۾ ٻڌايو ته "فيڊل ڪاسترو جو ننڍڙو ڏوهاري ٽولو ختم ٿي ويو آهي." ريڊيو تان اها ڳالهه ڪيئي ڀيرا ورائي ورائي نشر ڪئي ويئي. ان پروپيگنڊا جي مقابلي ۾ ڪاسترو ڇا ڪيو جو نيويارڪ ٽائيمز جي رپورٽر هربرٽ مئٿيوز کي سيئرا ميسترا جبلن تي گهرايائين، جنهن اتي ٿيندڙ گوريلا جنگ جون ڪارروايون اکين سان اچي ڏٺيون، واپس وڃي هربرٽ مئٿيوز نيويارڪ ٽائيمز اخبار ۾ مضمونن جو سلسلو لکيو، جنهن ۾ هن جبلن ۾ ٿيندڙ ڪامياب گوريلا جنگ جون حقيقتون بيان ڪيون. نيويارڪ ٽائيمس اهي مضمون گوريلا ڪاروائين جي فوٽن سميت شايع ڪيا. اولهه جي ٻين مشهور اخبارن به نيويارڪ ٽائيمس تان اهي مضمون کڻي ٻيهر ڇاپيا. انهن مضمونن وڏو ڪم ڪيو. انهن مضمونن کان پوءِ ڪيوبا کان ٻاهر رهندڙ سمورا محب وطن رضاڪار ڀرتي ڪرڻ، پئسا، هٿيار ۽ بارود گڏ ڪرڻ ڪيوبا موڪلڻ جي ڪم ۾ اڳي کان به وڌيڪ سرگرم ٿي ويا. نيٺ 2 جنوري 1959 تي چي جو گوريلا دستو ڪنهن به رت ڇاڻ بنا ڪيوبا جي گاديءَ هوانا تي قبضو ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو.

حڪومت ۾ شامل

ڪيوبا جي انقلاب جي ڪاميابيءَ کانپوءِ چي کي ڪيوبا جي شهريت ڏني ويئي ۽ هو اتي ئي رهي پيو. چي کي پهرين ڪيوبا جي نئشنل بئنڪ جو ڊائريڪٽر مقرر ڪيو ويو ۽ پوءِ هو ڪيوبا جو وزير صنعت ٿيو، هن اقوام متحده جي جنرل اسيمبليءَ ۾ ڪيوبا جي نمائندگي ڪئي ۽ يورپ، ايشيا ۽ آفريڪا جي ملڪن جا سرڪاري دورا ڪيا. انهيءَ وچ ۾ چي پنهنجي ڪارڪردگيءَ سان دنيا آڏو ثابت ڪيو ته هو رڳو ويڙهو مجاهد نه پر هڪ وڏو سفارتڪار ۽ قابل منتظم پڻ آهي. وزير صنعت جي حيثيت ۾ چي ٻين سان گڏجي هٿي تي ڪمند ڪٽڻ، چلڻ، ٽريڪٽر هلائڻ ۽ ڪٽڪ ڍوئي گدامن ۾ رکڻ جو ڪم پڻ ڪيو. پوءِ چي لاطيني آمريڪا جي سمورن ملڪن ۾ قومي آزاديءَ جي وسيع تر جدوجهد لاءِ رٿابندي ڪئي ۽ ان رٿا تي عمل ڪرڻ لاءِ هڪ ڏينهن هو اوچتو بوليويا جي جهنگن ڏانهن هليو ويو.

بوليويا جي جهنگن ڏانهن روانگيءَ کان اڳ چي صحافين سان مليو. صحافين کانئس پڇيو ته تنهنجي پويان تنهنجي زال ۽ ڇهن ٻارن جي آئندي جو ڇا ٿيندو؟ چي پريشان ٿيڻ کانسواءِ ورائيو، "ڪيوبا ۾ عوام جي پسند جي سوشلسٽ حڪومت قائم ٿي چڪي آهي. هن حڪومت ڪيوبا جي سمورن شهرين جي زندگي سنوارڻ جو ذمو کنيو آهي. اها حڪومت ٻين لکين خاندانن وانگر منهنجي خاندان جو به خيال ڪندي." چي ڪيوبا کان بوليويا جي جهنگن طرف روانو ٿيڻ مهل چيو، "سنگينون ۽ گولا کڻي صبح سان ملڻ لاءِ اڳتي وڌو، پاڻ يا ته فاتح ٿينداسون يا شهيد ٿينداسون."

چي شهيد ته ٿيو پر وسيع تر معنيٰ ۾ فاتح به ٿيو، هن جي انقلابي ڪردار ۽ قرباني دنيا جي پنجن ئي کنڊن جي نيڪ نيت، جمهوريت دوست ۽ انسان دوست مردن ۽ عورتن، ٻارن، جوانن ۽ ٻڍن جون دليون فتح ڪري ورتيون آهن، ۽ سندس نالو هڪڙو انقلاب لاءِ پاڻ ارپڻ جو اٽل وچن، هڪڙو فتح جو اوچو جهنڊو، هڪڙو انسانيت جي بديءَ جي قوتن مٿان سوڀ جو واعدو ۽ ضمانت بڻجي ويو آهي.

••••